# حج جو ثواب ڏيارڻ وارا عمل

**16-May-2024**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

16 مئي، 2024ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# حج جو ثواب ڏيارڻ وارا عمل

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ.....

✿...ايندا اهي ئي آهن جن کي رحمٰن گهرائيندو آهي

✿...سوال بہ پاڻ ٻڌايائون ۽ جواب بہ پاڻ ڏنائون

✿... غريب ۽ اَمير هڪجهڙا

✿... اشراق جي نماز جي برڪت سان بخشش ٿي وئي

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبو بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ : فرض حج ڪيو بيشڪ هن جو ثواب 20 غزون ۾ شرڪت ڪرڻ کان وڌيڪ آهي ۽ مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهڻ ان جي برابر آهي.[1]

بچاوے تم کو جو دوزخ سے ایسے مُحسن پر | سدا سلام کہو عمر بھر درود پڑھو
عبث گناہوں کی شامت میں مارے پھرتے ہو | خُدا کی تم پہ ہو رحمت اگر درود پڑھو (2)

**وضاحت:** پيارا اسلامي ڀائرو! جهنم جي باهه کان بچائي ڪري جنت ۾ داخل ڪرائڻ واري، احسان فرمائڻ واري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه ۾ سڄي عمر درود ۽ سلام جا نذرانا پيش ڪندا رهو، ڇو فضول ۾ پنهنجي گناهن جي معافي جي لاءِ فڪرمند آهيو الله پاڪ جي حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درود پاڪ پڙهو الله پاڪ توهان جا گناهه بخشي ڇڏيندو.

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

**حديث پاڪ** ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. (3)

---

[1] فردو س الاخبار، جلد:1، صفحه:339، حديث:2484۔

[2] ... نورايمان، صفحه:57۔

[3] ...بخاري، ڪتَاب بَدءِ الْوَحي، صفحو:65، حديث:1۔

اي عاشقانِ رسول! سني نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪيو ته ❁ نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، ❁علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيتري دير ٿي سگهيو گوڏن ڀر يعني التَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس، ❁ ضرورتًا سرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس، ❁ڌڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس، هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندس. اِنْ شَآءَاللّٰهُ!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب          صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندا اهي ئي آهن جن کي رحمٰن گهرائيندو آهي

حضرت علي بن مُوَفَّق رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه فرمائن ٿا: مون حج جي سعادت حاصل ڪئي، ڪعبي شريف جو طواف ڪيو، حجرِ اَسوَد کي چميو، 2 رڪعت طواف جي نماز پڙهي، پوءِ ڪعبي شريف جي ڀت سان ٽيڪ لڳائي ويهي ڪري روئڻ لڳس ۽ الله ڪريم جي بارگاه ۾ عرض ڪيو: ياالله پاڪ! مون تنهنجي پاڪ گهر جي آسپاس خبر ناهي ڪيترا ئي چڪر لڳايا پر مان نٿو ڄاڻان ته منهنجي هي محنت قبول ٿي آهي يا نه...!! اهڙي طرح روئندي روئندي مون کي ننڊ اچي وئي، مون هڪ غيبي آواز ٻڌو: اي علي بن مُوَفّق! اسان تنهنجي ڳالهه ٻڌي ورتي آهي، ڇا تون پنهنجي گهر ۾ صِرَف انهيءَ کي ناهين گهرائيندو جنهن سان تون محبت ڪندو آهين.[1]

| | |
|---|---|
| يا خُدا! حج په بُلا آ کے میں کعبہ دیکھوں! | کاش! اک بار میں پھر میٹھا مدینہ دیکھوں |
| پھر میسر ہو مجھے کاش! وقوفِ عرفات | جلوہ میں مزدلفہ اور منٰی کا دیکھوں |

[1] الروض الفائق ، صفحہ:59۔

جھوم کر خوب کروں خانۂ کعبہ کا طواف | پھر مدینے کو چلوں گنبدِ خضریٰ دیکھوں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! حج جا ڏينهن ويجهو آهن ❁ خوش قسمت ماڻهو جن کي حج جي سعادت جو پيغام ملي چڪو آهي ❁ اهي حج جي تيارين ۾ مصروف هوندا ❁ قافلا حرم جي طرف روانگي جي لاءِ تيار هوندا ❁ الله پاڪ اسان کي به هي عظيم سعادت نصيب فرمائي ❁ اسان به احرام ٻڌون ❁ حرم پاڪ پهچون ❁ ڪعبي شريف جي خوبصورت مهڪندڙ فضائن ۾ ساهه کڻڻ جي سعادت ملي ❁ ڪعبي شريف جي نوراني نظارن سان اکيون ٺڏيون ڪري سگهون ❁ ڪڏهن مُلتَزَم (يعني ڪعبي شريف ۾ اهو حصو جيڪو ڪعبي جي دروازي ۽ حجرِ اسود جي وچ ۾ واقع آهي ان) کي چمون ❁ ڪڏهن حجرِ اسوَد کي چمون ❁ ڪڏهن ميزابِ رحمت جي هيٺان نفل پڙهڻ جي سعادت نصيب ٿي ❁ منيٰ، عرفات، مُزدلفه ۾ وڃڻ ۽ لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ جون صدائون بلند ڪرڻ نصيب ٿي وڃي.

| | |
|---|---|
| یاخدا ایسے اَسباب پاؤں | کاش مکے مدینے میں جاؤں |
| مجھ کو اَرمان حج کا بڑا ہے | یا خدا تجھ سے میری دُعا ہے (1) |

۽ اميراهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه الله پاڪ جي بارگاهه ۾ دعا ڪن ٿا:

| | |
|---|---|
| بڑا حج پہ آنے کو جی چاہتا ہے | بُلاوا اب آ ئیگا کب یا الٰہی! |
| میں مکّے میں آؤں مدینے میں آؤں | بنا کوئی ایسا سَبب یا الٰہی! (2) |

1 ...وسائلِ بخشش، صفحہ:137۔

2 ...وسائلِ بخشش، صفحہ:107۔

الله پاڪ اسان سڀني کي حج ۽ عمرو ڪرڻ جي، ۽ مديني شريف ۾ هرهر، باأدب حاضري جي سعادت نصيب فرمائي، ڪاش...! اسان مکي وڃون، مديني جو سفر اختيار ڪيون، وري موٽي اچون، وري وڃون، ڪاش..! آخر مديني ئي ۾ 2 گز زمين جو ٽڪڙو نصيب ٿي وڃي.

مجھے مرنا ہے آقا گنبدِ خضرا کے سائے میں
وطن میں مرِ گیا تو کیا کروں گا یارسولَ اللہ!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حج ڪنهن تي فرض آهي...؟

اي عاشقانِ رسول! حج اسلام جي پنج بنيادي رڪنن مان هڪ اهم رُڪن آهي. ان جي متعلق ربّ ڪريم جو حڪم آهي:

وَلِلّٰهِ عَلَى النَّاسِ حِجُّ الْبَيْتِ مَنِ اسْتَطَاعَ اِلَيْهِ سَبِيْلًا ؕ (سيپارو: 4، سوره آلِ عمران: 97)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ الله جي لاءِ ماڻهن تي هن گهر جو حج ڪرڻ فرض آهي جيڪو ان تائين پهچڻ جي طاقت رکي ٿو.

خبر پئي جيڪو شخص ڪعبي شريف تائين پهچڻ جي اِستطاعت رکي ٿو، ان تي حج فرض آهي. رسول اڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اِستطاعت جي تفسير زَاد ۽ رَاحِلَہ سان ڪئي، رَاحله جو مطلب: سواري، زَاد جو مطلب: سفر جو خرچ. علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: جنهن وٽ ايترو مال آهي جو گهر کان هلي ڪري مڪه مڪرمہ پهچي، اتان جي رهائش جا اخراجات، اُتان کان واپسيءَ جا اخراجات ۽ جيترا ڏينهن حج تي لڳندا انهن ڏينهن جو گهر وارن جو خرچ ان وٽ موجود هجي، رستو بہ امن وارو هجي تہ ان تي حج فرض ٿي ويندو آهي.[1]

[1] خزائن العرفان، پاره:4، سورۀ آلِ عمران، تحت الآية:97، صفحہ:126بتصرف

۽ ياد رکو! حج فرض ٿي وڃڻ کان فوراً بعد حج ڪرڻ ضروري آهي، يعني هن ۾ بهانا ڳولهڻ ته ايندڙ سال هليو وينڌُس، ڌيئرن جي شادي ڪَرائي ونان، ان کان بعد حج جي لاءِ وينڌُس، هاڻي ڪاروباري معاملا اُٽڪيل آهن هي پورا ڪري ونان پوءِ حج جي لاءِ وينڌُس، هي انداز بلڪل درست ناهي.

## فرض حج نه ڪرڻ جي وعيد

اي عاشقانِ رسول! جيڪو شخص حج فرض هئڻ جي باوجود حج ناهي ڪندو، اهو تمام گهڻي نقصان ۾ آهي. مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضٰي شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت آهي: اللّٰه پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو پانهو زاد ۽ راحِلہ (يعني سواري ۽ سفرِ حج جي خرچ) جو مالڪ هجي جنهن جي ذريعي هو مڪي شريف تائين پهچي سگهي، ان جي باوجود جيڪڏهن هو حج نه ڪري ته چاهي يهودي ٿي ڪري مري يا نصراني ٿي ڪري.[1]

اَللّٰہُ اَکۡبَرۡ! اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! ڪيڏي سخت وعيد آهي، اسان جا آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رَحۡمَةٌ لِّلۡعٰلَمِيۡن (يعني تمام جهانن جي لاءِ رحمت) آهن، ماڻهن جو ايمان قبول ڪرڻ، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تمام گهڻو پسند آهي، جڏهن ڪافر ڪلمو نه پڙهندا هئا، قرآني آيتن تي ايمان نه آڻيندا هئا ته پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام گهڻو غمگين ٿي ويندا هئا، رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪي ڪافرن جي ڪلمي نه پڙهڻ سان به غمگين ٿين ٿا، هو هڪ مسلمان جي لاءِ فرمائن ٿا: حج فرض هئڻ جي باوجود اگر هو حج نٿو ڪري، اهو چاهي يهودي ٿي ڪري مري يا نصراني ٿي ڪري.

---

[1] ترمذی، کتاب الحج، صفحہ:223، حدیث:812۔

حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي وضاحت ڪندي فرمائن ٿا: مطلب هي آهي تہ جيڪو حج جو تارڪ آهي (يعني جيڪو حج فرض هئڻ جي باوجود حج ادا ناهي ڪندو) ان جي موت ۾ ۽ يهودي ۽ نصرانيءَ جي موت ۾ ڪو فرق ناهي، الله پاڪ حج نہ ڪرڻ واري کان بہ ناراض آهي ۽ يهود و نصاريٰ کان بہ ناراض آهي. ها! ٻنهي ناراضگين ۾ فرَق آهي. ۽ جيڪڏهن ڪو اهڙو شخص آهي جيڪو حج ڪندو بہ ناهي ۽ حج جي فرضيت جو بہ انڪار ڪندو آهي تہ اهو ٻانهو ڪافر ٿي ويندو ۽ ان جي ۽ اهلِ ڪتاب جي ڪفر ۾ ڪو فرق نہ رهندو [(1)]

| | |
|---|---|
| شَرَف دے حج کا مجھے میرے کبریا یارب! | روانہ سُوئے مدینہ ہو قافِلہ یارب! |
| دکھا دے ایک جھلک سبز سبز گنبد کی | بس اُن کے جلووں میں آجائے پھر قضا یارب! |
| بَوقتِ نَزع سلامت رہے مرا ایماں | مجھے نصیب ہو توبہ ہے التجا یارب! ( 2 ) |

## سوال بہ پاڻ ٻڌايائون ۽ جواب بہ پاڻ ڏنائون

ابنِ حبّان جي روايت آهي، هڪ ڀيري هڪ انصاري صحابي پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ ڪجهہ سوال پڇڻ جي لاءِ حاضر ٿيو، رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪڏهن توهان چاهيو تہ مون کان سوالَ ڪيو! ۽ جيڪڏهن چاهيو تہ مان ئي توهان کي توهان جا سوال بہ ٻڌايان ۽ انهن جا جواب بہ ٻڌايان. صحابي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان ئي ارشاد فرمايو تہ مان ڇا پڇڻ آيو آهيان؟ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: توهان پڇڻ آيا آهيو تہ ❀جڏهن حاجي پنهنجي گهر کان نڪرندو آهي تہ ان جي لاءِ ڪهڙو ثواب آهي؟ ❀جڏهن اهو ميدانِ عرفات

[1] مراة المناجيح، جلد:4، صفحہ:94۔

[2]...وسائل بخشش، صفحہ:87 ملتقطاً۔

۾ ترسندو آهي تہ ان جي لاءِ ڪهڙو ثواب آهي؟ ❁جڏهن اهو شيطانن کي پٿريون هڻندو آهي تہ ان جي لاءِ ڪهڙو ثواب آهي؟ ❁جڏهن حاجي مٿو ڪوڙائيندو آهي تہ ان جي لاءِ ڪهڙو ثواب آهي؟ ❁جڏهن حاجي آخري طواف پورو ڪري وٺندو آهي تہ ان جي لاءِ ڪهڙو ثواب آهي؟ انصاري صحابي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ عرض ڪيو: اي الله پاڪ جا نبي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ان ذات جو قسم! جنهن اوهان کي سچو نبي بڻائي ڪري موڪليو، بيشڪ اوهان سمورا سوال درست ارشاد فرمايا، هاڻي انهن جا جواب بہ عطا فرمايو، پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ❁ جڏهن حاجي پنهنجي گهر کان نڪرندو آهي تہ ان جي سواري جي هر قدم جي بدلي ان جي لاءِ هڪ نيڪي لکي ويندي آهي ۽ ان جو هڪ گناهہ معاف ڪيو ويندو آهي ❁ جڏهن اهو ميدانِ عرفات ۾ ترسندو آهي تہ الله پاڪ پنهنجي شان جي لائق دنيا جي آسمان تي تجلي فرمائيندو آهي ۽ فرمائيندو آهي: اي ملائڪو! گواهہ ٿي وڃو! مون انهن جا گناهہ معاف ڪري ڇڏيا توڙي جو مينهن جي قطرن (*Rain drops*) ۽ واريءَ جي ذرن جي برابر هجن.

رسول اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن وڏيڪ فرمايو: ❁ جڏهن حاجي جمرات جي رَمي ڪندو (يعني شيطان کي پٿريون هڻندو) آهي تہ قيامت تائين ان جو ثواب ڪير بہ نہ ٿو ڄاڻي سگهي ❁ جڏهن اهو پنهنجو مٿو ڪوڙائيندو آهي تہ ان جي مٿي تان ڪرڻ واري هر وار جي بدلي قيامت جي ڏينهن نور ٿيندو ❁۽ جڏهن حاجي ڪعبي شريف جو آخري طواف ڪندو آهي تہ گناهن کان ايئن پاڪ ٿي ويندو آهي، جيئن ان ڏينهن هو جڏهن سندس ماءُ ان کي ڄڻيو هو[1].

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! حج ڪرڻ جا ڪهڙا زبردست فضائل آهن*حاجي گهر کان نڪرندو آهي تہ ان جي هر قدم جي بدلي هڪ نيڪي لکي ويندي آهي*هڪ گناهہ مٽايو ويندو آهي❁ميدانِ عرفات ۾ ان جا سمورا گناهہ

[1] ابن حبان، كتاب الصلاة، ذكر وصف بعض السجود...الخ، صفحہ:586، حديث:1887۔

معاف ڪيا ويندا آهن۞حاجي جڏهن شيطان کي پٿريون هڻندو آهي تہ ان کي بي شمار اجر عطا ڪيو ويندو آهي۞ حاجي جڏهن وار ڪوڙائيندو آهي تہ هر وار جي بدلي قيامت جي ڏينهن کين هڪ نور عطا ڪيو ويندو ۞ حاجي جڏهن بيت الله جو آخري طواف ڪندو آهي تہ اهو گناهن کان بلڪل پاڪ ٿي ويندو آهي۞مقبول حج جي جزا جنّت آهي۞حج گزشتہ گناهن کي مٽائي ڇڏيندو آهي۞حاجي پنهنجي گهر وارن مان 4 سؤ ماڻهن جي شفاعت ڪندو۞حاجي جنهن جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪري ان جي بہ مغفرت ٿي ويندي آهي۞حاجي الله جو مهمان آهي۞حاجي جي دعا قبول ڪئي ويندي آهي۞حاجي جي تنگدستي مٽائي ويندي آهي۞جيڪو حاجي حج جي سفر ۾ فوت ٿي وڃي قيامت جي ڏينهن پنهنجي قبر مان بلند آواز سان تَلبيہ (يعني لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ) پڙهندي اٿندو۞حاجيءَ کي سفر جي دوران هڪ روپيو خرچ ڪرڻ جي بدلي 10 لک رپيا خرچ ڪرڻ جو ثواب ملندو۞حاجي ڪعبي جي طواف جو شرف حاصل ڪندو آهي تہ ان تي 60 رحمتون وسنديو آهن*حاجي مسجدِ حرام (يعني جتي خانۂ ڪعبہ آهي، ان مسجد) ۾ نماز پڙهندو آهي تہ ان تي 40 رحمتون نازل ٿينديون آهن۞حاجي مسجدِ حرام ۾ پهچي ڪري صرف ڪعبي شريف جي زيارت ڪري تہ ان تي 20 رحمتون نازل ٿينديون آهن.

سُبْحٰن الله !هي ڪيڏا عظيم فضائل آهن، الله پاڪ اسان کي بہ حج جو شوق نصيب فرمائي، ڪاش !...اسان بہ حج جي سعادت نصيب ڪريون، ياد رکو! حج ڪرڻ جي لاءِ پيسن جي نہ بلڪ سچي تڙپ جي ضرورت آهي، ربَّ وٽ سچي طلب ۽ سچي تڙپ ڏٺي ويندي آهي، جيڪڏهن تڙپ سچي هجي، شوق سچو هجي تہ الله ڪريم جون رحمتون ضرور ملنديون آهن، ضرور ڪرم جي نظر ٿيندي آهي ۽ ٻانهي کي حج جي سعادت ملي ٿي ويندي آهي .

# حج جو ثواب ڏيارڻ وارا عمل

الله پاڪ اسان کي هر سال حج جي سعادت نصيب فرمائي. هي ڳالهه ياد رکو ته جنهن تي حج فرض آهي، ان تي حج ئي ڪرڻ لازم آهي، ڪو ٻيو ڪم، ان جي قائم مقام نٿو ٿي سگهي، البت! هي به پنهنجي جڳهه هڪ حقيقت آهي ته حج عشق جو سفر آهي، فرض هجي يا نه هجي، عاشقن جون دليون ان مبارڪ سفر جي لاءِ تڙپنديون آهن، ڪيترا اهڙا آهن جيڪي ويچارا حج جي لاءِ قافلا ويندي ڏسي ڪري اُداس ٿي ويندا آهن، اکين مان لڙڪ لاڙيندي حسرت وچان چوندا آهن:

حاجیوں کے بن رہے ہیں قافلے پِھر یا نبی! | پِھر نظر میں پِھر گئے حج کے مناظِر یا نبی!
آہ! پلے زَر نہیں، رختِ سَفَر سرور نہیں | تم بُلا لو! تم بُلانے پر ہو قادِر یا نبی!
غم کے بادَل چھا رہے ہیں، آہ! میرے قلب پر | حاضِری کی دو اجازت مجھ کو تم پِھر یا نبی! (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! هي واقعي حقيقت آهي جيڪي عاشق آهن، اهي حج جي سفر جي لاءِ تڙپندا به آهن، روئندا ۽ ڳوڙها به ڳاڙيندا آهن. ڪاش! اسان سڀني کي هي شوق، هي ذوق، حج جي سفر جي لاءِ سچي طلب نصيب ٿي وڃي.

بهرحال! جن خوش نصيبن کي هن سال حج جي سفر جي سعادت ملي رهي آهي، انهن جو مقام، انهن جو رتبو، انهن جي خوش بختي جدا آهي. البت اهي ماڻهو جيڪي حج جو شوق رکن ٿا پر وڃڻ جي طاقت نٿا رکن، اَلحَمدُلله! اسان جي پياري پياري دينِ اسلام انهن کي به محروم ناهي ڇڏيو، اسان جي پياري آقا و موليٰ اسان سان محبت فرمائڻ واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اهڙا ڪوڙ سارا عمل اسان کي ٻڌايا آهن، جن کي اپنائي ڪري اسان حج جو ثواب حاصل ڪري سگهون ٿا. اچو! حج جو ثواب ڏيارڻ وارن ڪجهه نيڪ عملن جي باري ۾ ٻڌون ٿا:

---

[1] ...وسائلِ بخشش، صفحه:376۔

# (1) ذڪرالله ڪرڻ

حديث پاڪ ۾ آهي، صحابي رسول حضرت ابودرداء رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو اسان بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو:يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ذَهَبَ الْاَغْنِيَاء بِالْاَجْرِ يعني اي الله پاڪ جا پيارا رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهلِ ثَرُوت (جن کي مال دولت جي ڪثرت عطا ٿي آهي) اهي ثواب ڪمائڻ ۾ اسان کان اڳتي نڪري ويا. (اهو ڪيئن؟ عرض ڪيائون:) يَحُجُّوْنَ وَلَانَحُجُّ اهي حج ڪن ٿا، اسان حج نٿا ڪري سگهون، اهي فلاڻي فلاڻي مالي عبادت ڪن ٿا، اسان (ڇوته مالي لحاظ سان ڪمزور آهيون، لهٰذا) اسان اها مالي عبادت نٿا ڪري سگهون.

هاڻي هي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم جو خوبصورت شوق ڏسو! حاجي حج جي لاءِ ويندا آهن، هي مالي طاقت نہ هجڻ جي ڪري نٿا وڃي سگهن تہ تڙپي رهيا آهن تہ يارسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهي حج جي لاءِ هليا ويا، اسان رهجي وياسين...!! سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم کي فرمايو: ڇا مان توهان کي اهڙي شيءِ نہ ٻڌايان جو جيڪڏهن توهان اُن تي عمل ڪيو تہ جيڪا فضيلت اُنهن (حج ۽ ٻي مالي عبادت ڪرڻ وارن) کي ملندي آهي، اُن کان بہ وڌيڪ فضيلت توهان کي حاصل ٿي وڃي. پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهڙي فضيلت واري نيڪي ٻڌائيندي فرمايو: هر نماز کان پوءِ 34 ڀيرا اَللّٰهُ اڪبر، 33 ڀيرا سُبۡحٰنَ الله 33 ڀيرا اَلۡحَمۡدُلِلّٰہ پڙهندا ڪيو...!![1]

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث شريف ۾ اسان جي لاءِ سکڻ جا 2 سبق آهن (1) صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم جي نرالي، نيڪين واري سوچ ڏسو!❁ مالدار ڪاڏو چڱو ڪائيندا آهن، اُن تي انهن کي رشڪ ناهي❁ مالدار لباس چڱو پائيندا آهن، ان تي انهن کي رشڪ ناهي،❁ مالدارن جا گهر بهترين آهن، اُن تي بہ رشڪ ناهي.❁

[1] سنن الکبریٰ للنسائی، جلد:9، صفحہ:65، حديث:9902۔

رشک آهي تہ ان ڳالھ تي آهي تہ اهي نماز پڙھندا آهن، اسان بہ نماز پڙھون ٿا،❁ اهي تلاوت ڪندا آهن، اسان بہ تلاوت ڪيون ٿا❁ اهي حديثون ٻڌندا آهن، اسان بہ حديثون ٻڌون ٿا،❁اهي نفل پڙھندا آهن، اسان بہ نفل پڙھون ٿا ❁ اهي روزا رکندا آهن، اسان بہ رکون ٿا، ايستائين تہ معاملو برابر آهي، پر اهي چوتہ مالدار آهن، لھٰذا ❁اهي حج، زڪوات، صدقو خيرات وغيره مالي عبادتون بہ ڪن ٿا پر اسان مالي عبادتون نٿا ڪري سگھون، يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! هن هنڌ اچي ڪري مالدار صحابہ نيڪين جي معاملي ۾ اسان کان اڳتي نڪري رهيا آهن.

سُبْحٰنَ الله! هي آهي اصل رشک ڪرڻ جو مقام...!! افسوس! اسان وٽ هاڻي حالات اهڙا ٿي ويا آهن جو جيڪي غريب آهن، اميرن کي ڏسي ڪري انهن جي دلين ۾ لالچ اچي تہ ٿي پر کهڙي لالچ اچي ٿي(هيءَ جو) ❁مالدارن وٽ ڪوٺي چڱي آهي ❁ مالدارن وٽ بهترين ڪارون آهن ❁ مالدارن جو کائڻ پيئڻ تمام اعليٰ آهي، افسوس! اسان انهن ڳالهين تي لالچ ڪندا آهيون پر صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم نيڪين جي ڪثرت تي رشک ڪندا هئا. ڪاش! اسان کي بہ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جهڙي پياري پياري اعليٰ سوچ نصيب ٿي وڃي.

## غريب ۽ امير هڪجهڙا

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ياد رکجو تہ اسان جي هي دل جيڪا لالچ ڪري ٿي، اهو نہ سمجهو تہ هي معمولي ڳالھ آهي، نہ...!! نہ. ان دل جي لالچ جي بہ تمام وڏي اهميت آهي، حديث شريف ٻڌو! رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: دُنيا 4 ماڻهن جي آهي: (1) اهو انسان جنهن کي الله پاڪ مال بہ ڏنو آهي ۽ علم بہ عطا فرمايو آهي، جيئن تہ اهو مال جي معاملي ۾ الله پاڪ کان ڊڄي ٿو، صلہ رحمي(يعني رشتيدارن سان نيک سلوک) ڪري ٿو، مال جا حق پورا پورا ادا ڪري ٿو. هي تمام افضل آهي. (2) ٻيو اهو انسان آهي جنهن کي الله پاڪ علم تہ ڏنو آهي

پر مال ناهي ڏنو ۽ اهو سچي نيت وارو آهي، هي ان مالدار عالم کي ڏسي ڪري سوچيندو آهي: ڪاش! مون وٽ به مال هجي ها، مان به اهي نيڪيون ڪيان ها، جيڪو هي مالدار عالم ڪري رهيو آهي. فرمايائون: هي غريب عالم ۽ اهو مالدار عالم ثواب ۾ ٻئي برابر آهن. پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: (3) ٽيون اهو ٻانهو آهي، جنهن کي الله پاڪ مال ته عطا فرمايو آهي پر علم ناهي ڏنو، هاڻي هي شخص مال کي بغير علم جي خرچ ڪندو آهي، نه ان معاملي ۾ الله پاڪ کان ڊڄندو آهي، نه ان جي ذريعي رشتيدارن سان نيڪ سلوڪ ڪندو آهي، نه ئي مال جا حقَ پورا ڪندو آهي، هي نهايت ئي بري رتبي وارو انسان آهي. (4) پوءِ چوٿون اهو شخص آهي، جنهن کي الله پاڪ نه مال ڏنو آهي، نه علم ڏنو آهي، هي جڏهن اُن بي علم مالدار کي ڏسندو آهي ته سوچيندو آهي: ڪاش! مون وٽ به مال هجي ها، مان به ايئن ئي عياشي ڪيان ها، جيئن هي بي علم مالدار ڪري رهيو آهي، فرمايائون: هن مال جو وبال انهن ٻنهي جي لاءِ برابر آهي.[1]

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي اسان مان هر شخص غور ڪري، انهن چار قسمن مان اسان ڪهڙي قسم سان تعلق رکون ٿا، الله پاڪ ٻين کي مال ڏنو آهي ۽ اسان غريب آهيون، هاڻي پنهنجو جائزو وٺو ته مالدارن کي ڏسي ڪري اسان جي دل ۾ لالچ چو ايندي آهي، جيڪڏهن هي صورت آهي ته مالدار جڏهن حج تي ويندا آهن ته دل ۾ لالچ ايندي آهي ته ڪاش! مون وٽ به مال هجي ها، مان به حج ڪيان ها، مالدار صدقو ۽ خيرات ڪندا آهن، اسان جي دل به لالچ ڪندي آهي، ڪاش! مون وٽ به مال هجي ها، مان به صدقو ۽ خيرات ڪيان ها، ان صُورت ۾ ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ! دل جي لالچ چڱي ثابت ٿيندي، ربِّ رحمٰن جي رحمت مان اميد آهي ته اُن لالچ جي برڪت سان اسان کي به حج ۽ صدقي وغيره جو ثواب ملي ويندو ۽ جيڪڏهن خدانخواسته هي صورت آهي ته مالدار عيش ڪن ٿا، مال جي ڪري گناهن ۾ پون ٿا ۽ اسان انهن کي ڏسي ڪري لالچ ڪيون ٿا ته ڪاش! مون وٽ به مال هجي ها، مان به عياشي

[1] ترمذی، کتاب الزہد، باب ماجاء مثل الدنیا...الخ، صفحہ:557، حدیث:2325

ڪيان ها، هي لالچ خطري جي ڳالهه آهي، حديث شريف ۾ صاف ٻڌايو ويو تہ **اهو** مالدار مال هوندي، جن گناهن جو بار پنهنجي مٿي تي رکي رهيو آهي، هي غريب جنهن وٽ مال بہ ناهي، اُن سبب جي ڪري گناهہ ڪري بہ ناهي رهيو پر پنهنجي بُري نيت جي ڪري هي ۽ اهو گنهگار مالدار ٻئي جُرم ۾ برابر آهن.

الامان والحفيظ...!!الله پاڪ اسان کي مال ۽ دولت جي حرص کان محفوظ فرمائي.

ڪاش! اسان کي صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہم جهڙي نيڪين واري سوچ نصيب ٿي وڃي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

## ذڪر ڪيو! حج جو ثواب ڪمايو!

پيارا اسلامي ڀائرو! ٻيو سبق جيڪو هن حديث پاڪ مان اسان کي سکڻ جي لاءِ مليو، اهو هي تہ جيڪو انسان هر نماز کان پوءِ تسبيحِ فاطمہ پڙهي، يعني 33 ڀيرا سُبْحٰنَ الله ، 33 ڀيرا اَلحَمْدُللّٰه! ۽ 34 ڀيرا اللّٰهُ اڪبر پڙهندو ڪري، اهو مالدارن جي مالي عبادت (مثلاً حج، زڪواة وغيره) وارو ثواب حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو.

سُبْحٰنَ الله! هن مان معلوم ٿيو، الله پاڪ جو ذڪر تمام وڏي رُتبي واري عبادت آهي جو هن جي ذريعي سان وڏين وڏين نيڪين جي برابر ثواب ملي ويندو آهي، ڪاش! اسان کي ڪثرت سان الله پاڪ جو ذڪر ڪرڻ جي توفيق نصيب ٿي وڃي. اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

## عظمت وارو روزيدار ڪير؟

حضرت سهل بن مُعَاذ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه پنهنجي والد صاحب کان روايت ڪن ٿا: هڪ ڀيري محفلِ نُور لڳل هئي، رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ واٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف

فرما هئا، صحابي سڳورا رَضِيَ اللّٰهُ عنه پڻ حاضِر هئا، هڪ صحابي رَضِيَ اللّٰهُ عنه بارگاهِ رسالت ۾ حاضِر ٿي عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! الله پاڪ جي راهه ۾ جنگ ڪرڻ وارن ۾ وڌيڪ عظمت وارو ڪير آهي؟ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَكْثَرُهُمْ لِلّٰهِ ذِكْراً يعني جيڪو الله پاڪ جو ڪثرت سان ذِڪر ڪري ٿو، اهو وڌيڪ عظمت وارو آهي. صحابي سڳوري رَضِيَ اللّٰهُ عنه ٻيو سوال ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! روزيدارن ۾ وڌيڪ عظمت وارو ڪير آهي؟ (مثال طور 100 ماڻهو آهن ۽ 100 جي 100 ڄڻن ئي روزو رکيو آهي، انهن مان وڌيڪ عظمت وارو ڪير آهي؟) پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَكْثَرُهُمْ لِلّٰهِ ذِكْراً يعني جيڪو الله پاڪ جو ذِڪر ڪثرت سان ڪرڻ وارو آهي، هو وڌيڪ عظمت وارو آهي.

حضرت سهل بن مُعاذ رَضِيَ اللّٰهُ عنه فرمائن ٿا: اهي صحابي رَضِيَ اللّٰهُ عنه ايئن سوال ڪندا ويا، مثال طور يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! نمازين ۾ وڌيڪ عظمت وارو ڪير آهي؟ زڪوٰة ڏيڻ وارن ۾ وڌيڪ عظمت وارو ڪير آهي؟ ايئن هڪ هڪ عبادت جي باري ۾ سوال ڪندا ويا، ۽ پيارا آقا، ٻنهي جهانن جا داتا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن سڀني سوالن جو هڪ ئي جواب ارشاد فرمائيندا رهيا: اَكْثَرُهُمْ لِلّٰهِ ذِكْراً، اَكْثَرُهُمْ لِلّٰهِ ذِكْراً يعني جيڪو الله پاڪ جو ذڪر ڪثرت سان ڪندو آهي، اهو عظمت وارو آهي، جيڪو الله پاڪ جو ذڪر ڪثرت سان ڪندو آهي، اهو عظمت وارو آهي.

مسلمانن جا پهريان خليفه، حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ عنه حاضِر هئا، انهن حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عنه کي مخاطَب ڪندي چيو: اي عمر ايئن ته ذِڪْرُالله ڪرڻ وارا تمام ڀلائيون ئي کٽي ويا...! پياري آقا، امامُ الانبيا، معراج

واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَجَل هائو! (يعني اي ابو بڪر! بلڪل ايئن ئي آهي، جيڪو ذِڪرُ الله جي ڪثرت ڪري ٿو، اهو تمام پلائيون ميڙي وٺي ٿو).[1]

## جنّت ۾ باغ لڳائڻ جو طريقو

حضرت ابو سليمان داراني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جنّت ۾ خالي زمين آهي. جڏهن ٻانهو ذِڪرُ الله ڪندو آهي ته ملائڪ ان جنّتي زمين ۾ ان جي لاءِ باغ لڳائڻ شروع ڪندا آهن، ٻانهو جيستائين ذِڪر ڪندو رهندو آهي، ملائڪ باغ لڳائيندا رهندا آهن، جڏهن ٻانهو رڪجي ويندو آهي ته ملائڪ به رُڪجي ويندا آهن.

## ڪثرت سان ذِڪر نہ ڪرڻ جا ڪجھ سبب

پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو لڳايو! ذڪرُالله ڪيتري اعليٰ عبادت آهي پر افسوس...! دِل ۾ تڙپ ناهي * نيڪين جو حِرص نہ هئڻ جي برابر آهي * آخرت جي فڪر بابت گهٽتائي آهي * فُضُوليات ۾ مصروف رهڻ جي عادَت آهي * دُنيا جي محبت جڻ دِل ۾ وڏي چڪي آهي * هر وقت بس دُنيوي سوچن ئي ۾ مَصرُوف رهون ٿا * فضول ڳالهيون ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي اهڙي عادت پئي آهي جو بَس الله پاڪ جي پناهہ! * غيبت * چغلي * ڪوڙ ٻيا خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا گُنَاهہ هي زبان اسان کان ڪرائيندي رهي ٿي، وڌيڪ رهي سهي ڪسَر سوشل ميڊيا ڪڍي ڇڏي آهي، ڪڏهن اڪيلائي ۾ ويهڻ جو موقعو مِلي بہ ته هڪدم موبائِل هٿ ۾ ۽ فيس بُڪ، يوٽيوب وغيره وغيره ۾ لڳي ويندا آهيون.

ڪاش! اسان نيڪين جا حريص بڻجي وڃون.

میری زَبان تر رہے ذِکر و دُرُود سے | بے جا ہنسوں کبھی نہ کروں گفتگو فُضُول(2)

---

[1] معجم کبیر، جلد:8،صفحہ:481، حدیث:16812۔

[2]...وسائل بخشش، صفحہ:۔

## 100 حج جو ثواب

الله پاڪ جي آخري نبي، محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن صبح ۽ شام سؤ سؤ ڀيرا سُبۡحٰنَ الله! پڙهيو ته اهو 100 حج ڪرڻ واري جيان آهي.[1] پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! ڪيترا آسان عمل آهن....!! حاجي حج تي وڃي رهيا آهن، انهن کي حج مبارڪ هجي، اسان نٿا وڃي سگهون، اسان ڪعبي جو طواف ڪرڻ، مزدلفه ۾ منيٰ ۾ عرفات ۾ قيام جون برڪتون ته نٿا لٽي سگهون، اسان کي هن مبارڪ سَفَر جي سعادت ته ميسر ناهي، گهٽ ۾ گهٽ اسان هي ته ڪري ئي سگهون ٿا، روزانو صبح ۽ شام جو 100 ڀيرا سُبۡحٰنَ الله! پڙهون، اِنۡ شَآءَ الله! 100 حج جو ثواب نصيب ٿي ويندو. الله پاڪ اسان کي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّى الله عليه واٰله وسلّم

## (2) والدين کي پيار سان ڏسڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! حج جو ثواب ڏيارڻ وارو ٻيو نيڪ عَمل آهي: والدين کي پيار واري نگاهه سان ڏسڻ. الله پاڪ جي آخري نبي، محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن اولاد پنهنجي ماءُ پيءُ جي طرف رحمت جي نظر ڪري ته الله پاڪ ان جي لاءِ هر نگاهه جي بدلي حَجّ مبرور(يعني مقبول حج) جو ثواب لکندو آهي. صحابه ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم عرض ڪيو: جيتوڻيڪ ڏينهن ۾ 100 ڀيرا نظر ڪري؟ فرمايائون: نَعَم، اللّٰهُ اَكۡبَرُ وَاَطۡيَبُ يعني ها! الله پاڪ سڀني کان وڏو ۽ سڀني کان وڌيڪ پاڪ آهي.[2]

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! ڪيترو آسان عمل آهي، هونئن هي

---

[1] ترمذی،کتاب الدعوات، صفحہ:797، حدیث:3471۔

[2] شُعَبُ الْاِیمان ، باب فی بر الوالدین، جلد:6، صفحہ:186، حدیث:7856۔

حديث پاڪ ته اسان ڪيئي پيرا ٻُڌي هوندي پر اُن تي عَمل به ڪيون ٿا يا نه، هي الله پاڪ ئي بهتر ڄاڻي ٿو. جيڪڏهن نٿا ڪيون ته ذهن ٺاهڻ گهرجي، آخر اُن ۾ ڪيترو ثائم لڳي ٿو، مفت جو ثواب آهي ۽ اهو به ٿورو نه بلڪ مقبول حج جو ثواب آهي. لهٰذا والدين اسان جي جنت آهن، صبح ۽ شام، ڏينهن رات، جڏهن دل ڪري، والدين جي پيار سان زيارت ڪيو! ها ايترو خيال رهي ته جڏهن والدين جي پيار سان زيارت ڪري رهيا هجو، اُن وقت چڱي نيت ضرور ڪيو! مثلاً هن حديث پاڪ تي عمل ڪري رهيو آهيان، هي نيّت ڪري زيارت ڪيو! اِنْ شَآءَ الله! مقبول حج جو ثواب نصيب ٿيندو.

## ماءُ پٽ جو پيار ڀريو انداز

حضرت اَبُوهريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ وڏا مشهور صحابي رسول ٿي گذريا آهن. سندن انداز ڏاڍو پيارو هو. سندن جڏهن سَفر تي روانا ٿيڻ لڳندا هئا ته پنهنجي والده جي گهر حاضر ٿيندا هئا، دروازي تي بيهي چوندا هئا: اَلسَّلَامُ عَلَيْكِ يَا أُمَّتَاهُ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ يعني اَمڙ سائڻ! اوهان تي الله پاڪ جي طرفان سلامتي، رحمت ۽ برڪتون نازل ٿين. جواب ۾ سندن والده چونديون هيون: وَعَلَيْكَ السَّلَامُ يَا بُنَيَّ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ اي پٽ! اوهان تي به الله پاڪ جي طرفان سلامتي، رحمت ۽ برڪتون نازل ٿين. پوءِ حضرت ابو هريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ چوندا هئا: الله پاڪ اوهان تي رحم فرمائي جو اوهان ننڍپڻ ۾ منهنجي پرورش فرمائي. سندن والده جواب ۾ چونديون هيون: الله پاڪ اوهان تي به رحم فرمائي جو جهڙي طرح اوهان پوڙهائپ ۾ منهنجو خيال رکي رهيا آهيو.[1]

سُبْحٰنَ الله! ڇا ته ادا آهي...!! تَصوُّر ڪيو! جڏهن حضرت ابو هريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ايئن پيار ڀري انداز ۾ پنهنجي والده جو شڪريو ادا ڪندا هوندا ته سندن والده محترمه کي ڪيترو سڪون ملندو هوندو..!! يقيناً اسان جي والدين جا اسان تي ڪوڙ احسان

[1] ادب المفرد، باب جزاء الوالدين، صفحه:16، حديث:12۔

آهن جو اسان سندن بدلو چُڪائي نٿا سگهون. هڪ ڀيرو اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه ڪان سوال ٿيو: والدين جا ڪيترا حقوق آهن(يعني پڇڻ وارو اهو پڇڻ چاهي پيو ته حقن جي ڳڻپ ٻڌائي وڃي ته جيئن مان اهي ڳڻي پورا پورا ادا ڪيان). سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه ان جو جيڪو جواب ڏنو، ڪمال هيو، پاڻ رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه هڪ جملي ۾ ڳالھ ختم ڪيائون، فرمايائون: والدين جا ايترا حق آهن جو جيڪڏهن هي وفات ڪري وڃن ۽ پٺ انهن کي ٻيهر زنده ڪري سگهندو هجي ته ڪري. چوڻ جو مقصد اهو هو ته جهڙي طرح مُردن کي زنده ڪرڻ عام انسان جي لاءِ ناممڪن آهي، ايئن ئي والدين جا حقوق پورا ڪرڻ، انهن جي ڪا ڳڻپ رکڻ، هي به ناممڪن آهي، هاڻي جيڪڏهن اسان انهن جي احسانن ۽ ايترن حقن جو خيال رکندي، انهن کي پيار سان ڏسون، انهن کان پيار سان ڳالهايون ته اسان جو ڪهڙو خرچ ٿيندو؟ بلڪ ربّ ڪريم پنهنجي رحمت سان مقبول حج جو ثواب عطا فرمائيندو آهي. انهيءَ ڪري عادت بڻايو! وڌيڪ نه سهي گهٽ ۾ گهٽ ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو حديث پاڪ ذهن ۾ رکي ڪري چڱي نيت سان والدين جي پيار سان زيارت ڪرڻ جي عادت لازمي بڻايو!

## (3)والدين جي قبرتي حاضري ڏيڻ

اهي اسلامي ڀائر جن جا والدين هن دُنيا ۾ ناهن رهيا، وفات ڪري ويا آهن، اهي سوچي رهيا هوندا ته اسان حج جو ثواب ڪيئن ڪمايون؟ اسان والدين جي زيارت ڪيئن ڪنداسين؟ انهن جي خدمت ۾ عرض آهي ته گهبرايو نه، اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! اسان جا آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رَحۡمَةٌ لِّلۡعٰلَمِيۡن آهن، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن کي به مَحۡرُوم ناهن ڇڏيندا، اهي ماڻهو جن جا والدين دنيا مان پردو ڪري چڪا آهن، قبرن ۾ آرام ڪري رهيا آهن، رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي به حج جو ثواب ڪمائڻ جو طريقو ٻڌايو آهي، جي ها! حديث پاڪ ٻڌو! پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:

مَنْ زَارَ قَبْرَ اَبَوَيْهِ اَوْ اَحَدَهُمَا اِحْتِسَابًا كَانَ كَعَدْلِ حَجَّةٍ مَبْرُوْرَةٍ

ترجمو: جيڪو پنهنجي والدين، ٻنهي يا هڪ(جيڪي ٻه وفات ڪري ويا هجن، انهن) جي قبر تي ثواب جي نيت سان وڃي، ان جو هي عَمل مقبول حج جي برابر آهي. [1]

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو، جنهن جا والدين حيات آهن، اهو پيار ڀري نظرن ڪان انهن جي زيارت ڪري، حج جو ثواب ماڻيندو ۽ جنهن جا والدين وفات ڪري ويا آهن، هاڻي ٻه انهن وٽ موقعو موجود آهي، اهي والدين جي قبر تي وڃن، قبر جي زيارت ڪن، تڏهن ٻه مقبول حج جو ثواب نصيب ٿي ويندو. انهي ڪري گهرجي ته اسان والدين جي زيارت ڪيون، جيڪڏهن اهي وفات ڪري ويا آهن ته قبر تي حاضري ڏيندا ڪيون، هي آسان ڪم چاهي ڏينهن ۾ 100 ڀيرا ڪيون، اِنْ شَآءَ الله! هر ڀيري حج جو ثواب ماڻينداسون.

## (4) باجماعت نماز

پيارا اسلامي ڀائرو! حج جو ثواب ڏيارڻ وارن عملن مان هڪ نيڪ عمل باجماعت نماز پڙهڻ ٻه آهي. حضرت ابواُمامه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو گهر ڪان پاڪ ٿي ڪري جماعت سان فرض نماز پڙهڻ جي لاءِ ويندو آهي، ان جو ثواب احرام ٻڌڻ واري حاجي جيان آهي، ۽ جيڪو چاشت جي نماز پڙهڻ جي لاءِ مسجد جي طرف وڃي ان جو ثواب عمرو ڪرڻ واري جيترو آهي. [2]

هڪ ٻي روايت ۾ آهي: عشاء جي نماز باجماعت پڙهڻ هڪ حج جي برابر آهي، ۽ فجر جي نماز جماعت سان پڙهڻ عمري جي برابر آهي. [3]

سُبْحٰنَ الله! ڇا ڳالهه آهي باجماعت نماز جي....!! هاڻي ڏسو! جيڪي حاجي مڪي

---

[1] نوادرُ الْاُصُول، الاصل الخامس عشر، جلد:1، صفحه:72۔

[2] ابو داود، كتاب الصلاة،باب فضل المشى الى الصلاة، صفحه:102، حديث : 558۔

[3] لطائف المعارف، وظائف شوال، المجلس الثالث،صفحه:337۔

شريف پهتا يا پهچي رهيا آهن، جيڪي طواف جا مزا ماڻيندا، صفا ۽ مَروه جي سعي ڪندا، مزدلفه ۽ منيٰ ۽ عرفات ويندا، مديني شريف جي حاضري جي سعادت ماڻيندا، انهن جي خوش بختي آهي، اهي تمام اعليٰ سعادت وارا آهن، اسان حج جي لاءِ نہ وڃي سگهياسون، اسان انهن سعادتن کان محروم رهجي وياسين، هاڻي گهٽ ۾ گهٽ اسان حج جو ثواب تہ حاصل ڪري سگهون ٿا، باجماعت نماز جي عادت بڻايون! عشاء جي نماز بہ باجماعت پڙهون! فجر بہ باجماعت ادا ڪيون! باقي ٿي نمازون بہ مسجد ۾ تڪبيرِ اُوليٰ سان ادا ڪرڻ جي سَعَادت ماڻيون! بلڪ وُضُو گهر کان ڪري مسجد جي طرف هلون! اِنْ شَآءَ اللّٰه! حج ۽ عمري جو ثواب نصيب ٿي ويندو.

## باجماعت نماز پڙهڻ واجب آهي

بيشڪ ❁مسجد ۾ اچڻ، ❁مسجد کان محبت ڪرڻ، ❁مسجد سان دل لڳائڻ، ❁ پنج ئي نمازون پابندي سان باجماعت ادا ڪرڻ نيڪ ٻانهي جي علامت آهي، الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَارْكَعُوْا مَعَ الرّٰكِعِيْنَ ﴿۴۳﴾

ترجمو ڪنزالايمان: رڪوع ڪندڙن سان گڏ رڪوع ڪريو.(پارہ1،سورۂبقرہ:43)

حضرت مفتي احمد يارخان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن (يعني رڪوع ڪرڻ وارن سان گڏ رڪوع ڪيو) جو مطلب اهو آهي تہ جماعت سان نماز پڙهو، ڇوتہ جماعت سان نماز اڪيلي نماز پڙهڻ کان ستاويهہ (27) درجا افضل آهي. (تفسير نعيمي جلد1ص330)

میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت
ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی! [1]

---

[1]...وسائل بخشش، صفحہ:102۔

## پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ با جماعت نماز (حڪايت)

اُمُّ المؤمنين حضرت عائشہ صِدّيقہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهَا بيان ڪن ٿيون: جڏهن سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن گهڻو بيمار ٿيا تہ حضرت سيدنا بلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نماز جو اطلاع ڏيڻ جي لاءِ حاضر ٿيا تہ ارشاد فرمايائون:”ابوبڪر کي چئو تہ ماڻهن کي نماز پڙهائن.“ پوءِ جنهن وقت حضرت سيدنا ابوبڪر رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ نماز پڙهائڻ ۾ مشغول هئا ان دوران پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مبارڪ طبيعت ۾ ٿوري چاڪائي محسوس ڪئي تہ اٿي ڪري ٻن ڄڻن کي سهاري جي سعادت عطا فرمائي مسجد جي طرف اهڙي طرح تشريف کڻي ويا جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مبارڪ قدم زمين تي لڳي رهيا هئا، حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدمن جو آواز محسوس ڪيو تہ پوئتي هٽڻ لڳا، حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي اشارو ڪيو (تہ پوئتي نہ هٽو) پوءِ پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي کاٻي طرف ويهي رهيا، حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ بيهي ۽ رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ويهي نماز پڙهي رهيا هئا، حضرت سيدنا ابوبڪرصديق رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اقتداء ۾ (يعني پويان نماز ادا) ڪري رهيا هئا ۽ ماڻهو حضرت سيدنا ابوبڪرصديق رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي (اقتدا ڪري رهيا هئا).

(بخاري شريف جلد1ص254، حديث: 713 ملخّصاً)

## اعليٰ حضرت ۽ باجماعت نماز جو اهتمام

**اي عاشقانِ رسول** !هن حڪايت مان اسان جي پياري پياري آقا، مڪي مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جماعت سان تمام گهڻي دلچسپي جو اظهار ٿئي ٿو جو شديد بيماري جي حاضري جي حالت ۾ بہ رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي

جماعت ڇڏڻ پسند نہ هو.

الحمدلله! جيڪي واقعي سچا عاشِقِ رسول آهن، اهي بہ سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيروي ۾ باجماعت نماز سان خوب محبت ڪندا آهن ۽ هر حال ۾ نماز باجماعت ئي پڙهڻ جو اهتمام ڪندا آهن. سيدي اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي باري ۾ منقول آهي تہ هڪ ڀيري رَبيع الاول شريف ۾ بارهين شريف جي محفلِ پاڪ ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ بيان فرمائڻ کان پوءِ شام جو سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه شديد بيمار ٿي پيا، ان مَرض جي شِدَّت بيان ڪندي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خود فرمائن ٿا تہ هن ڀيري ايترو بيمار ٿيس جو ان کان اڳ ڪڏهن نہ ٿيو هيس، مون وصيت نامو بہ لکرائي ڇڏيو هو. ان مرض جي حاضِري جي دوران اهڙي نازُڪ حالت هئي جو مَسجِد پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي گهر جي بلڪل ويجهو هئي، ان جي باوُجُود سندن هلي مَسجد حاضِر ٿي نہ سگهندا هئا، پر قربان وڃجي! سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي باجماعت نماز سان محبت صَد مرحبا! جو هن حال ۾ بہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪا جماعت نہ رهجي، توڙي جو هن حال ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تي جماعت واجِب نہ هئي پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اَفضَل تي عمل ڪندي پنج ئي نمازون باجماعت مسجد ئي ۾ ادا ڪندا هئا، ان جي صُورت اها هوندي هئي تہ چار ماڻهو ڪرسي تي ويهاري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي مسجد وٺي ايندا هئا ۽ نماز کان پوءِ واپس گهر وٺي ويندا هئا. (فتاویٰ رضويہ، جلد:9، صفحہ:547)

خدا کی محبّت، نبی کی محبّت کے پیکر ہیں بے شک مرے اعلیٰ حضرت

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

سُبْحٰنَ الله! اهو آهي سچو عشقِ رسول! اَفسوس! هاڻي عشقِ رسول جا صرف وڏا وڏا دعوا رهجي ويا آهن، افسوس! صحت جي باوجود ماڻهن جي جماعت

تہ جماعت، نماز تائين نڪري ويندي آهي!

هر عبادت سے برتر عبادت نماز | ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نماز
قلبِ غمگیں کا سامانِ فرحت نماز | ہے مریضوں کو پیغامِ صحّت نماز
نارِ دوزخ سے بے شک بچائے گی یہ | رب سے دلوائے گی تم کو جنت نماز

*_*_*_*

پیارے نبی کی آنکھ کی، ٹھنڈک نماز ہے | جنت میں لے چلے گی جو، بے شک نماز ہے

ڪاش...! اسان کي بہ پنج ئي نمازون، مسجد ۾ پهرين صَف ۾، تڪبيرِ اُولیٰ سان پڙهڻ جي سَعَادَت ملي ۽ ان جي اهڙي عادَت ٿي وڃي جو مرڻ گهڙي تائين شَرعِي مَجبُوري جي بغير ڪڏهن هڪ جماعت بہ رهجي نہ وڃي.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (5) اِشراق جي نماز

حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو فجر جي نماز باجماعت پڙهي پوءِ (مسجد ئي ۾) ويهي الله جو ذڪر ڪندو رهي، ايستائين جو سج نڪري وڃي، پوءِ 2 رڪعتون نماز پڙهي، ان جي لاءِ هڪ حج ۽ عمري جو ثواب آهي.

حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: سرڪار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم 3 ڀيرا فرمايو: تَامَّةٍ تَامَّةٍ تَامَّةٍ (يعني اُن عمل سان مڪمل حج ۽ عمري جو ثواب ملندو).[1]

مَاشَآءَاللہ! سُبْحٰنَ اللہ! اي عاشقانِ رسول! هن نيڪ عمل کي بہ اپنائڻ گهرجي! اشراق جي نماز پڙهو! بلڪ ان سان گڏ بہ رڪعتون چاشت جون بہ ملايو!

[1] ترمذی، ابواب السفر، باب مایستحب من الجلوس...الخ، صفحہ:171، حدیث: 586۔

اِنْ شَآءَاللّٰہُ هڪ حج ۽ هڪ عمري جو ثواب نصيب ٿيندو.

## اشراق جي نماز جي برڪت سان بخشش ٿي وئي

حُضُور خواجه غريب نواز رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ فرمائن ٿا: الله پاڪ ڪان محبت ڪرڻ وارن جو طريقو آهي ته صبح (يعني فجر) جي نماز ادا ڪري سج نڪرڻ تائين نماز جي جاءِ تي ويٺل هوندا آهن، انهن جو مقصد هي هوندو آهي ته الله پاڪ جي بارگاهه ۾ مقبول ٿي وڃن ۽ انهن تي هر وقت انوار جي تجلي رهي، اهڙو شخص جڏهن فجر جي نماز ادا ڪري نماز جي جاءِ تي ويهندو آهي ته ملائڪ کي حڪم ٿيندو آهي ته جيستائين هي نه اٿي، ان وقت تائين ان وٽ وڃي ڪري ان جي بخشش (جي دعا) گهر.

پوءِ خواجه غريب نواز رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ ان بابت هڪ واقعو بيان ڪندي فرمايو: هڪ ڪفن چور 40 سالن تائين ڪفن چوري ڪندو رهيو، آخر جڏهن مُئو ته ڪنهن ان کي خواب ۾ ڏٺو ته جنّت ۾ گهمي رهيو آهي، خواب ڏسڻ واري ان جو سبب پڇيو ته چيائين: منهنجي هڪ عادت هئي ته جڏهن مان صبح جي نماز ادا ڪري ونندو هيس ته سج اڀرڻ تائين الله پاڪ جي ياد ۾ مشغول (Busy)رهندو هيس، پوءِ اشراق جي نماز ادا ڪندو هيس، الله پاڪ جو ته نهايت بخشڻ وارو آهي، جيئن ته الله پاڪ منهنجي ان هڪ عمل کي قبول فرمايو ۽ مون کي بخشي ڇڏيو .(1)

مىں پڑھتا رہوں سنّتیں وقت ہی پر | ہوں سارے نوافل ادا یاالٰہی!( 2 )

## (6) مسجد جي علمي مجلس ۾ شريڪ ٿيڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! حج جو ثواب ڏيارڻ وارو هڪ ٻيو عمل ٻڌو! حضرت ابو

---

[1]...دليل العارفين(مترجم)، صفحہ:124، 126 ملتقطاً۔

[2]...وسائلِ بخشش، صفحہ:102۔

اُمامہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي تہ، حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو صبح سوير مسجد ۾ پلائي سکڻ يا سيکارڻ جي ارادي سان هلندو، ان کي ڪامل حج ڪرڻ واري جو ثواب ملندو. (1)

سُبْحٰنَ الله! هي بہ ڪيترو پيارو عمل آهي...!! اَلحَمْدُلله! دعوت اسلامي وارا عاشقانِ رسول فجر جي نماز کان پوءِ تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جو حلقو لڳائيندا آهن ❁ اُن ۾ ٽي قرآني آيتون ❁ ان جو ترجمو ۽ تفسير ٻڌي، ٻڌائي ويندي آهي ❁ فيضان سُنت مان درس ٿيندو آهي ❁ شجرو شريف پڙهيو ويندو آهي ❁ دعا ٿيندي آهي ۽ ❁ آخر ۾ اشراق، چاشت جا نفل بہ ادا ڪيا ويندا آهن ❁ اوهان بہ تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جي حلقي ۾ شرڪت جي عادت ٺاهيو! اِنْ شَآءَ اللہُ! ڪوڙ برڪتون ملنديون ❁ حديث پاڪ جي مطابق حج جو ثواب نصيب ٿيندو ❁ صبح جو وقت نيڪين ۾ گذرندو تہ برڪت ملندي ❁ سڄو ڏينهن سٺو گذرندو ❁ صبح صبح علمِ دين سکڻ جو موقعو نصيب ٿيندو ❁ شجري شريف جي صورت ۾ نيڪ ٻانهن جو ذڪر ٿيندو ❁ انهن جي محبت دل ۾ ويهندي ❁ اولياءِ ڪرام جي روحاني توجُّهہ ملندي ❁ ايمان تازو ٿيندو ❁ انهن جي وسيلي سان ڪيل دعائون اِنْ شَآءَ اللہُ پوريون ٿينديون ❁ هڪ وڏي برڪت هي آهي تہ فجر جي نماز کان اشراق جي نماز تائين مسجد ۾ رکڻ سُنّتِ مصطفيٰ آهي اُن تي عمل جي سعادت ملي ويندي ❁ حديث پاڪ جي مطابق جيڪو فجر جي نماز کان پوءِ ذِڪْرُ الله ۾ مشغول رهي، پوءِ اشراق، چاشت جا نفل پڙهي، ان کي جهنم جي باهہ نہ ڇهندي. (2)

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلى الله عليه واله وسلّم

---

[1] معجم ڪبير، جلد:4، صفحہ:248، حديث:7346۔

[2] شعب الايمان، باب في الصيام، جلد:3، صفحہ:420، حديث:3957

## (8-7) حج جو ثواب ڏيارڻ وارا 2 عمل

پيارا اسلامي ڀائرو! حج جو ثواب ڏيارڻ وارا ٻيا بہ ڪوڙ سارا عمل آهن، مثلاً
❁رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَلْجُمُعَةُ حَجُّ الْمَسَاكِيْن
يعني جُمعي جي نماز مسڪينن جو حج آهي.[1] ❁ انهي طرح حديث پاڪ ۾
آهي: جيڪو پنهنجي ڪنهن مسلمان ڀاءُ جي حاجت روائي جي لاءِ ويندو آهي
الله پاڪ اُن تي 75 هزار ملائڪن جي ذريعي سايو فرمائيندو آهي اهي ملائڪ
ان جي لاءِ دعا ڪندا آهن ۽ اهو فارغ ٿيڻ تائين رحمتِ الٰهي جي سايي ۾ رهندو
آهي ۽ جڏهن هو هن ڪم کان فارغ ٿيندو آهي تہ الله پاڪ ان جي لاءِ هڪ حج
۽ هڪ عُمري جو ثواب لکندو آهي.[2]

## بيان جو خُلاصو

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪلام جو خلاصو هي آهي تہ حج تي وڃڻ، مڪّي پاڪ
پهچڻ، طواف ڪرڻ، صفا ۽ مروه جي سعي جا مزا ماڻڻ، ميدانِ عرفات، مُزدلفہ ۽
منيٰ وڃڻ، اُتي وسندڙ رحمتن جو حقدار بڻجڻ تمام وڏي سعادت آهي، ربّ ڪريم
اسان کي هر سال هي سعادت نصيب فرمائي. البت! جيڪڏهن اسان حج جي لاءِ
نٿا وڃي سگهون، ايترا وسائل ناهن، رڪاوٽون آهن، پوءِ بہ دل ۾ حج جي تڙپ تہ
رکڻ ئي گهرجي، دل ۾ تڙپ هوندي تہ اِنْ شَآءَاللّٰهُ! ڪرم بہ ٿي ئي ويندو. پوءِ ان
سان گڏوگڏ هي تہ اسان حج تي نہ وڃي سگهياسين، گهٽ ۾ گهٽ حج جو ثواب
ڏيارڻ وارا اَعمال ئي اپنايون، اسان هاڻي جيڪي حديثون ٻڌيون، انهن جي مطابق
اسان ڪيترن ئي حجن جو ثواب ڪمائي سگهون ٿا.
جي ها ❁ صبح ۽ شام جي وقت 100 ڀيرا سُبْحٰنَ اللّٰه پڙهو! 100 حج جو ثواب

---

[1] جامع الصغير، صفحہ:221، حديث:3635، 3636۔
[2] معجم اوسط، 3 / 222، حديث : 4396

ملندو ❁ والدين کي پيار سان ڏسو! هر دفعي ڏسڻ تي هڪ مقبول حج جو ثواب نصيب ٿيندو ❁ والدين وفات ڪري چڪا آهن ته انهن جي قبر تي حاضري ڏيو! اِنْ شَآءَالله مقبول حج جو ثواب نصيب ٿيندو ❁ نماز باجماعت ادا ڪيو! حج جو ثواب ملندو ❁ فجر کان پوءِ مسجد ئي ۾ ويهي رهو! اشراق جا نفل پڙهي ڪري اٿو! حج جو ثواب ملندو ❁ صبح جي وقت مسجد ۾ دين سکڻ جي لاءِ وڃو! حج جو ثواب ملندو ❁ جمعي جي نماز ادا ڪيو! جمعي جي نماز جي لاءِ جلدي مسجد ۾ وڃو! حج جو ثواب ملندو ❁ پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي ضرورت ۾ ڪم اچو! ان جي برڪت سان به اِنْ شَآءَالله!حج جو ثواب نصيب ٿيندو. الله پاڪ اسان کي حج جو شوق نصيب فرمائي ۽ حج جو ثواب ماڻڻ جي لاءِ سڄو سال بلڪ سڄي عمر ھي نيڪ عمل اپنائڻ جي سعادت عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلی اللہ علیہ والہٖ وسلّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: علاقائي دورو

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ نمازي بڻجڻ، گناهن کان بچڻ ۽ حج جو شوق، مديني جو شوق بلڪ عشقِ شاهِ مدينه دل ۾ وڌائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي ڪري حصو وٺو. اِنْ شَآءَالله! دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: علاقائي دورو به آهي.

❁**حديث پاڪ جو خلاصو آهي:** جيڪي قدم راهِ خُدا ۾ خاڪ آلود ٿين، انهن کي جهنم جي باھ نه ڇُهندي. (مسند امام احمد،جلد:6، صفحه:507، حديث:16356۔) ❁نيڪي جي دعوت ڏيڻ، بُرائي کان منع ڪرڻ جي لاءِ گهر کان نڪرڻ به راھ خدا ۾ نڪرڻ آهي. ❁اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نيڪي جي دعوت

ڏيڻ جي لاءِ بازار ۾ تشريف کڻي ويندا هئا. ۞مختلف قبيلن ۾ وڃي ڪري نيڪي جي دعوت ڏيندا هئا. ۞دعوت اسلامي وارا عاشقانِ رسول به هن پياري ادا کي ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۞گهر گهر، دڪان دڪان وڃي ڪري نيڪي جي دعوت ڏيندا آهن.۞ ماڻهن کي مسجد ۾ اچڻ جي دعوت ڏني ويندي آهي.۞ نمازن جي ترغيب ڏياري ويندي آهي. اسان ان کي علاقائي دورو چوندا آهيون.

## شرابي مدني قافلي جو مُسافر بڻجي ويو

عاشقانِ رسول جو هڪ مدني قافلو ڪپڙوَنج (گجرات، هند) پهتو، قافلي جا شريڪ اسلامي ڀائر علاقائي دورو ڪرڻ جي لاءِ مسجد کان ٻاهر تشريف کڻي ويا، علاقائي دوري دوران هڪ شرابي تي انفرادي ڪوشش ڪئي وئي، اَلحَمدُلِلّٰه! اهو شرابي مدني قافلي وارن سان مسجد جي طرف هلي پيو، اسلامي ڀائر ان سان ايتري قدر اخلاق سان پيش آيا جو هُو 6 ڏينهن تائين مدني قافلي وارن سان رهيو، علاقائي دوري جي برڪت ۽ عاشقانِ رسول جي صحبت جي سبب ان گناهن کان توبهه ڪئي. ڏاڙهي مبارڪ وڌائي، عمامي شريف جو تاج به مٿي تي سجايو. هاڻي وڌيڪ اهو اسلامي ڀاءُ 92 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جو خواهش مند هو پر... افسوس...!! پيسا نه هجڻ ڪري قافلي ۾ نه وڃي سگهيو، هڪ ڏينهن سندن هڪ رشتيدار جي ان سان ملاقات ٿي هڪ معاشري جي بدڪردار انسان کي جڏهن ديني ماحول سان وابسته ڏٺو ته دنگ رهجي ويو، وڌيڪ جڏهن انهن کي مدني قافلي ۾ نه وڃي سگهڻ جي ڳالهه ٻڌائي وئي ته اُن رشتيدار چيو: پيسن جي فڪر نه ڪر. 92 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جو خرچ مون کان وٺجو ۽ گڏوگڏ 92 ڏينهن تائين گهر جا اخراجات به مان پنهنجي ذمي کڻان ٿو، ايئن اهو ديوانو 92 ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويو.

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## "اَلقرآن الڪريم" ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄ جو دور ٽيڪنالوجي جو دور آهي، هڪ تمام وڏو تعداد آهي جيڪو اينڊرائڊ موبائل (Android Mobile) يا آئي فون استعمال ڪري ٿو. الحمد لله! دعوتِ اسلامي اسان کي موبائل جي ذريعي به نيڪيون ڪمائڻ جا موقعا فراهم ڪري ٿي. دَعوَتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: AlQuranal kareem (القرآن الڪريم). اها ايپلي ڪيشن Android ۽ IOS بنهي طرح جي ڊيوائسز تان ڊاؤن لوڊ ڪري آساني سان استعمال ڪري سگهجي ٿي، هن موبائل ايپلي ڪيشن ۾ * مڪمل قرآنِ پاڪ پڙهڻ ۽ مختلف قارين جي آواز ۾ ٻڌڻ جي سهولت موجود آهي. * هن سان گڏوگڏ ڪنهن مخصوص سورت يا آيت کي (بڪ مارڪ) Bookmark به ڪري سگهجي ٿو يعني هر هر پڙهڻ واري سورت يا آيت کي Bookmark جي سبب آساني سان پڙهي سگهجي ٿو.

اڄ ئي اها ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪريو، پاڻ به قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪريو ۽ ٻين کي به قرآنِ پاڪ پڙهڻ، ٻڌڻ جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينے تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

1 تاريخ دمشق، جلد:9، صفحه:343.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# وعدي جي پابندي سُنت آهي

ٻه فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1): جيڪو وعدو پُورو نٿو ڪري، ان جو ڪو ايمان ناهي. (مصنف اِبْنِ اَبِی شيبه، ڪتاب: الايمان، جلد:7صفحه:223) (2): جيڪو مسلمان پنهنجي ڀاءُ سان وعدو خلافي ڪري ان تي الله پاڪ ۽ ملائڪن ۽ تمام انسانن جي لعنت آهي. (بخاري، ڪتاب:جِزْيه، صفحه:815، حديث:3179)

**اي عاشقانِ رسول!** وعدو پورو ڪرڻ سُنّتِ مصطفيٰ بلڪ سُنّتِ انبياء آهي. * اسان جا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وعدي جا گهڻا پڪا هئا ۽ *وعدو ٽوڙڻ کي تمام ناپسند ڪندا هئا. * اِعلانِ نبوت کان پهريان هڪ ڀيري هڪ شخص پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عرض ڪيو: اوهان ترسو مان اچهو ٿو موٽان، اهو شخص هليو ويو پر واپس اچڻ وسري ويس، ٽن ڏينهن کان پوءِ ان کي ٻيهر ياد آيو، جڏهن اهو انهيءَ هنڌ پهتو ته اهو ڏسي حيران رهجي ويو ته رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٽي ڏينهن گذرڻ جي باوُجود اتي ئي ويٺا آهن ۽ مَاشَآءَ الله! شفقت و رَحمت ۽ حُسنِ اَخلاق ڏسو! پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي ڏاڙڪا ڪونه ڏنا، ڪاوڙ نه ڪئي، بَس ايترو فرمايائون: اي شَخص! تو مون کي مشقت ۾ وجهي ڇڏيو. (اَبُو داؤد، ڪتاب: ادب، باب: وعده، صفحه:781، حديث:4996) الله پاڪ اسان کي ٻه سُنّتِ سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي عمل ڪندي وعدا پُورا ڪرڻ وارو بڻائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى الله عليه واٰله وسلَّم

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينه جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت dam جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

| | |
|---|---|
| اُلفتِ مصطفےٰ اور خوفِ خدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو |
| گر مدینے کا غم چاہئے چشمِ نم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو (1) |

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

## اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.

(افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ السادسۃ والخمسون، ص151ملخصًا)

### (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن

[1]…وسائل بخشش، صفحہ:669۔

فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.
(افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الحادیۃ عشرۃ، ص 65)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البدیع، الباب الثانی، ص277)

## (4) ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.
(افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149)

## (5) قُربِ مُصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (القول البدیع، الباب الاول، ص125)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.

(الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١)

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.

(مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305)

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب          صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد